# ڪينجهر ڍنڍ

ڪينجهر لفظ جي معنيٰ آهي ’گهٽائي‘ سنڌيءَ ۾ هڪ اصطلاح آهي ته ”ڪينجهر لڳڻ“ يعني سرسبز ٿيڻ، آباد ٿيڻ. ’ڪينجهر‘ ۽ ’سونهري‘ هڪٻئي جي پر ۾ ٻه ڍنڍيون هونديون هيون. ڪوٽڙي بئراج ٺهڻ کان پوءِ ڪلري بگهاڙ واهه، وهي اچي ڪينجهر ۾ پوندو آهي، اِنڪري ٻئي ڍنڍيون ملي هڪ ٿي ويون آهن. هاڻي رڳو ڪينجهر جو نالو آهي. سونهريءَ جو ڪوبه نالو نشان ڪونهي.

ڪينجهر ۽ سونهريءَ جي نالن بابت هڪ مڪاني روايت آهي، ته ڪينجهر هڪ مُهاڻو هو ۽ سونل سندس زال هئي. انهن ڍنڍن تي اهي نالا به اُنهن تان پيا آهن. اها به مڪاني روايت آهي ته ميربحرن جو گندرا قبيلو ڪينجهر ۽ سونل جي اولاد آهي.

ڪينجهر هڪ پراڻي ۽ تاريخي ڍنڍ آهي. سنڌ جي رومانوي داستان نوري ڄام تماچيءَ جو تعلق به هن ڍنڍ سان آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ به انهيءَ داستان جي حوالي سان ’سُر ڪاموڏ‘ ۾ ڪينجهر ڍنڍ جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪينجهر ڍنڍ نه رڳو تاريخي مڪان طور هڪ يادگار آهي؛ پر سنڌ جي معاشي، سماجي ۽ ثقافتي سطح تي به ان جي هڪ خاص اهميت آهي. معاشي لحاظ کان ڪينجهر ماڻهن لاءِ

روزگار جو هڪ مکيہ وسيلو آهي. ساڳئي وقت ڪينجهر جي خوبصورتي ڪيترن ڏيهي ۽ پرڏيهي سياحن کي پاڻ ڇڪيندي آهي! نہ رڳو نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي داستان جي حوالي سان، پر ڪينجهر پنهنجي سُونهن جي ڪري بہ ڪلاسيڪل توڙي جديد ساهت جو موضوع رهي آهي.

ڪينجهر جي چوڌاري اڳي وڏيون وڏيون وسنديون ۽ ڳوٺ آباد هئا. جن مان ڪي پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. هن وقت جهمپير، هيلايا، چليا ۽ ٻيون وڏيون وسنديون موجود آهن.

ڪينجهر هڪ بهترين تفريح گاهہ آهي. تفريح خاطر ايندڙ ماڻهن لاءِ ٻيڙين ۽ لانچن جو بندوبست ڪيل آهي. انهن جي رهائش لاءِ سرڪاري طرح پڪا گهر بہ ٺهرايا ويا آهن. جيڪي مناسب مسواڙ تي ڏنا ويندا آهن. ترڻ، ٻيڙين تي سير ڪرڻ، مڇين جي شڪار جي وندر هت گهڻي آهي. ڪينجهر ڍنڍ مان ساليانو لکين روپين جي مڇي ڦاسائي وڃي ٿي. هتي ٻُوراني، ٻهہ پَبڻ، ڪُمہ، لوڙهہ بہ جام ٿين ٿا.

روزانو سون جي تعداد ۾ ماڻهو پنهنجي ٻارن ٻچن سميت ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن کان ڪينجهر تي گهمڻ ايندا آهن. ڪينجهر جي ويجهو جهمپير ۾ امير پير جون درگاهون آهن. نوريءَ جي مرشد، هونڊڙي شاهہ جي قبر، ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ هڪ ٽڪريءَ تي آهي. هن بزرگ جي پيرانديءَ ۾ سنڌ جي راڻي نوريءَ جي قبر آهي. ڪينجهر ڍنڍ تي گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهو هونڊڙي شاهہ ۽ نوريءَ جي قبر تي حاضري ضرور ڀريندا آهن.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- ڪينجهر لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟
2- ڪينجهر جي ڍنڍ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟
3- "ڪينجهر لڳڻ" اصطلاح جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟
4- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪينجهر جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟
5- نوريءَ جي قبر ڪٿي آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

داستان- مکيه- وسيلو- ڏيهي- پرڏيهي- ساهت- ونڊر.

(ج) هيٺيان خال ڀريو:

1- ڪينجهر هڪ پراڻي ۽ تاريخي .......................... آهي.
2- ڪينجهر جي چوڌاري اڳي وڏيون وسنديون ۽ .......................... آباد هيون.
3- ڪينجهر هڪ بهترين .......................... آهي.
4- هتي .......................... ٻهه، ڀيڻ، ڪُمي، لوڙهه به جام ٿين ٿا.

(د) 'تفريح گاهه' لفظ، تفريح جي پٺيان گاهه، پڇاڙي ملايو ٺاهيو ويو آهي: "گاهه" پڇاڙي ملائي اهڙا ٻيا لفظ ٺاهيو.

(هه) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

پراڻي- آباد- پرڏيهي- پڪا- گهٽي- پيراندي.